انور پرديسي

# تنوير عباسي جي شاعريءَ ۾ رومانويت


***Abstract:***

*Classical poets had great depth of knowledge and awareness of the world around them. Such knowledge and awareness allowed them to present the pain, problems, joy and jollification through smiles of the society with great command through use of metaphors and other figures of speech. Unfortunately today's poets do write poetry on subjects such as love, courtship etc, but their poetry is devoid of a centric figure. Romantic poetry ought to present lovers who meet and get separated, so both the feelings of meeting and separation are present as were present in the poetry of Shah and Sachal in Sindhi, Ghalib and Faiz in Urdu, and Bhagat Kabir and Tulsi in Hindi poetry. In the same manner Shaikh Ayaz, Tanveer Abbasi, and their contemporary poets show such similar elements.*

*There is really a great dearth of such multisided and multifarious poetry. After Shaikh Ayaz, the same was found in Tanveer Abbasi's Poetry which was filled with romantic element of lovers meeting and later on separating of lovers expressed through the medium of poetic techniques.*


**رومانوي** تصور ٻہ آهن، هڪ مغربي ٻيو مشرقي، مغرب ۾ رومانوي لاڙو، ڪلاسڪ کان بغاوت وارو لاڙو آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جا متضاد لاڙا آهن. ٻئي طرف اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ڪلاسيڪيت يا ڪلاسيڪي شاعريءَ جو تصور ائين نہ آهي. اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن وٽ فطرت جو ايترو تہ وسيع تصور آهي، جو ان جي پکيڙ ۾، يورپ وارو ڪلاسيڪي تصور ۽ رومانوي تصور ٻئي ضم ٿي ٿا وڃن. اسان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ وردس ورٿ واري ڪائناتي فطرت، جاگرافيائي نوعيت ۽ ان سان گڏ انساني فطرت بہ شامل آهن. جاگرافيائي بيهڪ ۾ ڍنڍون ڍورا، درياهہ، سمنڊ، وڻ ٽڻ پکي سڀ اچي وڃن ٿا. جڏهن تہ ڪائناتي فطرت ۾ چنڊ، سج، تارا ۽ ڪير ڏارا سڀ اچي وڃن ٿا، ان سان گڏ انساني فطرت ۾، انساني سوچ جا مثبت ۽ منفي رنگ شامل آهن. مثال طور انساني فطرت جا سڀ رويا ۽ روٽس ان ۾ شامل آهن، جيئن تہ چريائپ، سچاٽپ، پيار، نفرت، وفاداري ۽ غداري وغيره. جيتوڻيڪ سنڌي ادب ۾ رومانس جي لاءِ ائين ڪا باقاعدا تحريڪ ناهي هلي، جيئن يورپ ۾، رومانوي تحريڪ جا اهڃاڻ





ملن ٿا. رومانوي تحريڪ جي شروعات، تاريخي حوالي سان وردس ورٿ ۽ ڪولرج جي گڏيل، لکيل ڪتاب (Lyrical ballads) 'سُريلا گيت' جي ڇپجڻ کان پوءِ سان شروع ٿي. جنهن جو مهاڳ وردس ورٿ لکيو، جيڪو اڳتي هلي رومانويت (Romanticism) جو بنياد بڻيو. سنڌي شاعريءَ ۾ رومانس جي ڪا بہ کوٽ ڪانهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ کان وٺي جديد شاعريءَ تائين، رومانس جو تصور موجود ملي ٿو. سومرن جي دور کان وٺي، نيم ڪلاسيڪي داستانن ۾ ڀرپور رومانس وارو لاڙو ملي ٿو، جنهن ۾ شاعرن پنهنجي اندر جي ڪيفيتن جو اظهار کُليو کُلايو ڪيو آهي. ڪنهن دؤر ۾ شاعر اهڙي بيباڪيءَ واري اظهار ڪرڻ لاءِ درٻارين جا محتاج هوندا هئا. ممتاز مهر لکي ٿو: "ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ هي عام ٿيو تہ انسان جي فطري خصوصيت هن جا احساسات آهن. ظاهر آهي جيڪڏهن انسان جي فطري ۽ امتيازي خصوصيت هن جا احساس آهن تہ پوءِ فن ۾ بہ انهن جو اظهار فني خوبي ليکي ويندي."(۱)

رومانوي شاعريءَ جي معنيٰ، پيار، محبت ۽ عشق واري شاعري. اسان جي قديم ادب کان وٺي جديد ادب تائين رومانوي شاعريءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا. ڄاڪاڻ تہ شاعر بنيادي طرح عاشق مزاج، نفيس جذبن جو مالڪ، حُسن، سونهن ۽ فطرت سان پيار ڪندڙ رهيو آهي. تنهن ڪري سندس تخليقي خيالن ۾ رومانس جو عنصر وڌيڪ ۽ نمايان آهي. سومرن جي آخري ايامن ۾ اسحاق آهنگر جو شعر سنڌي ادب ۾ رومانس جي حوالي سان شروعاتي شعر آهي.

ٿيان مان جهرڪ، وهان پرينءَ جي ڇڄ تي،
مانَ ڪَنِ ڊِرڪ، ٻولي ٻاجهاري مون سين.(۲)

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو: "سنڌ جي اساسي صوفياڻي شاعريءَ ۾ حقيقت مطلق ڄاڻڻ جو واحد ذريعو عشق آهي. صوفين جو خيال آهي تہ صداقت تي پهچڻ جو ذريعو عقل ناهي، بلڪ عشق آهي، تنهن کان پوءِ پنهنجي داخليت ۾ ٻڏي پاڻ پروڙڻ جو فڪر رومانويت کان خالي ناهي. تنهن ڪري سنڌ جي زياده تر صوفي شاعرن وٽ رومانويت جو لاڙو موجود آهي. سچل سرمست کان وٺي سانگيءَ تائين شاعرن وٽ عشق جي سر بلندي داخلي جذبن ۽ تخيل جي پرواز موجود آهي."(۳)

رومانوي لاڙي واري شاعري، سنڌي ادب جي، سيني ڪلاسيڪي دورن ۾، ملي ٿي. مثال طور قاضي قادن، لطف الله قادري، شاهہ عنات رضوي، شاهہ ڪريم

بلڙيءَ وارو، شاهه لطيف، سچل سرمست، مير عبدالحسين خان سانگي، ڪشنچند بيوس، شيخ اياز کان تنوير عباسيءَ تائين رومانوي لاڙي واري شاعري ڀرپور انداز ۾ ملي ٿي. شاهه لطيف تہ نيم تاريخي عشقيہ قصن کي رومانوي رنگ ۾ اهڙو تہ پيش ڪيو آهي، جو اڄ تائين شاعر، سندس تتبع ڪندا اچن ٿا ۽ اڄ تائين ڪيس ڪو بہ برميچي نہ سگهيو آهي. "رومانويت ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ اديبن ۽ فلسفين مختلف رايا ڏنا آهن پر گهڻو ڪري سڀ انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ انهيءَ داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نامعلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شيءِ جي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي."(۴)

اسان جي شاعرن محبوب جي عشق سان گڏ پنهنجي ديس، ڌرتيءَ ۽ عام ماڻهن جي ڪيفيتن کي بہ رومانوي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. جنهن ۾ ديس جي ڏکن، دردن، عام ماڻهوءَ جي بي وسي، جاگيرداري ۽ سرمائيداري سرشتي کان بيزاري واري خيال کي بہ اسان جي شاعرن رومانس ۽ انقلاب سان گڏي پيش ڪيو آهي. رومانس واريءَ شاعريءَ سان تہ سنڌي ٻولي مالامال آهي. سنڌي شاعرن وٽ رومانس عبادت جو درجو رکي ٿو. محبوب سان پيار کي عبادت کان افضل سمجهن ٿا. جيئن تنوير عباسيءَ جي هن شعر ۾، رومانوي عنصر نمايان ملي ٿو.

نہ ڪا رياضت ، نہ ڪا عبادت،
رڳو محبت ، رڳو محبت،
جيئڻ جي نہ آ، هاڻي ضرورت،
نہ ڪائي صورت، نہ ڪائي مورت،
اچي سيان شال تنهنجي صورت،
اکين تراوت، دلين مسرت،
نہ فائدو ڪو، نہ ڪا ضرورت،
تڏهن بہ الفت، تڏهن بہ الفت،
اهي هواڻا اچڻ جا تنهنجي،
گهلن ٿيون هيرون، ٽمي ٿي نگهت،
محبت آهي تہ ڏاڍي ليڪن،
نہ آهي هن ساڻ ايڏي حجت،
آ تنهنجي ڪيڪار هڪ ادا جنهن،
وڌي آ مرڪڻ جي مون ۾ عادت.(۵)





تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ رومانويت، دل جي احساسن ۽ جذبن کي جاڳائيندڙ عنصر غالب نظر اچي ٿو. تنوير عباسيءَ جي ڪلام ۾ فڪري عشق ۽ حُسن جي اُپٽار آهي. جيڪو هر راز سلي ٿو. وقت جي اک مان ٽميل ڳوڙها ۽ داخليت جيڪي گيت ظاهر ڪن ٿا، سي شاعر کان سواءِ، پڙهندڙن جي احساسن ۽ جذبن جي بہ عڪاسي ڪن ٿا. رومانس ادب ۽ زندگي سان ائين ئي لاڳاپيل آهي، جيئن وقت جا ڪانٽا هڪٻئي سان ڳنڍيل رهن ٿا. رومانس لاءِ ممتاز مهر جا ويچار آهن تہ: "عام طرح سان چيو ويندو آهي تہ 'رومانويت' ادب ۽ زندگيءَ جي فرسوده رسمن جي خلاف بغاوت هئي ۽ انفرادي احساسن ۽ تخيل جي هڪ سوپ هُئي. پر 'رومانويت' اجان وڌيڪ پيچيده معاملو هو. ڇاڪاڻ تہ 'رومانويت' جون ايتريون ئي قسمون آهن، جيتريون رومانوي افراد جون: پر هنن فردن ۾ ڪي خاصيتون ۽ وصفون هڪجهڙيون بہ آهن ۽ انهن خاصيتن ۽ وصفن جي اجتماع جو ٻيو نالو رومانوي ذهنيت بہ آهي."(٦)

تنوير عباسي پنهنجي شاعريءَ ۾ لا تعداد سونهن جا عڪس چٽيا آهن.رومانس جا سوين سونهن ننگر، سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن. هر ننگر ۾ نيهن مڪڙيون ٻڻجي، ڪائناتي سندرتا ۽ حُسناڪين ۾ اضافو ڪندو رهي ٿو. تنوير عباسيءَ جا ٻول، انساني جذبن، انساني حسن ۽ ان سان پيار جي هٻڪار جي ترجماني ڪندو آهي. تنوير عباسي، جڏهن پنهنجي محبوب کي ايندي ڏسي ٿو، تہ بي اختيار سندس من مان اندر جا اڌما نڪري نروار ٿين ٿا.

جڏهن بہ دوست ٿا، توسان ملڻ جا ڏينهن اچن،
لڳي ٿو چڻ تہ، گلن جي ٽڙڻ جا ڏينهن اچن،
ڪڏهن تہ يار سان گڏ، مڌ پيئڻ جا ڏينهن اچن،
ڪڏهن تہ مست ٿي، ڳائڻ نچڻ جا ڏينهن اچن
اجهي بشر جي مقدس ٿيڻ جا ڏينهن اچن،
اجهي ٿا تنهنجي اکين کي، چمڻ جا ڏينهن اچن."(٧)

مٿئين شعر ۾ تنوير جن جذبن ۽ خيالن جي عڪاسي ڪئي، سو فن تمام گهٽي شاعرن جي شاعري ۾ ملي ٿو ۽ تنوير عباسيءَ جو انداز کيس پنهنجي همعصرن ۾ ڌار ۽ منفرد مقام عطا ڪري ٿو. محبوب سان ملڻ جي داخلي خواهش ۽ وري گلن جي ٽڙڻ جي فطري منظر ڪشي خيال کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. تنوير عباسي هڪ

زبردست رومانوي تصور پيش ڪيو آهي.هڪ فنڪار ئي پنهنجي فن وسيلي، اهڙي لازوال تخليق ڪري سگهي ٿو. شاعر جي نظر جي اڏامر داخلي توڙي خارجي ڪيفيتن ڪي پنهنجي مشاهدي ۽ حسياتي حواسن ذريعي پروڙي وٺي ٿو. ان بعد جيڪا به تخليق ٿئي ٿي، اها خيالي ناهي، پر سماج ۾ جيڪو ڪجھ وهي واپري پيو تنهن جي تحقيقي عڪاسي ڪان پوءِ محبت، پيار ۽ رومانويت وارو تصور آهي. ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ناهي ته، تنويرعباسيءَ وٽ زبردست تخيل جي اڏامر پڻ موجود آهي. قاضي خادم ايديسن جي حوالي سان لکي ٿو ته: ”حقيقت ۾ تخيل هڪ قسم جو حافظو آهي، جيڪو زمان ۽ مڪان ڪان آزاد هوندو آهي. هي اها قوت آهي، جيڪا شاعر کي وقت ۽ زمان جي قيد ڪان آزاد ٿي ڪري. اها هڪ اهڙي قوت آهي، جيڪا معلومات جي ذخيري، تجربي ۽ مشاهدي جي آڌار تي اڳواٽ ئي ذهن ۾ موجود هوندي آهي. جنهن کي اديب بيهر ترتيب ڏئي هڪ نئين صورت بخشيندو آهي.“(۸)

انسان کي فطري سونهن جو اصل مينار ماڻڻ لاءِ مخصوص سوچ واريون عينڪون لاهي، پاڻ کي رومانس واري واديءَ جي حوالي ڪرڻو پوندو. محدود نظرين ۽ روايتي فلسفي جي ڏارا ڪان پنهنجا پلاند آجا ڪرائڻا پوندا، تڏهن وڃي هو عشق واري منزل ماڻيندو.جڏهن تخليقڪار پنهنجيون اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي ۽ رومانس واري واديءَ ۾ گم ٿي، وڃي حقيقي محبوب سان لنؤن لائي ٿو ته، هن جي اندر منجهان جيڪي احساس ۽ جذبا اُڀرن ٿا، اها تخليق رومانس کي ان جي معراج تي پهچائي ٿي. اها ڪيفيت تنوير عباسيءَ جي هن غزل ۾ پسي سگهجي ٿي.

اکڙيون ٻوٽيان توڙي کوليان آڏو تنهنجو منهن،
اندر تون ئي، ٻاهر تون ئي مون کي تنهنجو سنهن،
تنهنجي پيار سهاري جڳ کي ڪري ڇڏيم سنگيت،
پوپٽ پوپٽ راڳ ٻٽي ويو، گل گل تي پيو گيت.(۹)

شاعر ته دنيا ۾ گهڻا ئي آهن، پر هر شاعر جو پنهنجو مان ۽ مرتبو آهي، پنهنجو الڳ الڳ خيال ۽ رومانوي تصور آهي. شاعر کي قدرت طرفان ڏات مليل هوندي آهي، پر وٽس ڏانءُ جو هجڻ ضروري آهي. تنوير عباسيءَ وٽ قدرت جي مليل ڏات سان گڏ تخيل جو ڏانءُ به آهي، ته انهن رومانوي جذبن ۽ احساسن کي پيش ڪرڻ جو انداز به موجود آهي. رسول بخش پليجو لکي ٿو ته: ”شاعريءَ جا سرچشما سچي جهان





۾ هر هنڌ موجود آهن. سچي شاعر ٿيڻ لاءِ قدرتي ڏات سان گڏ ڏانءُ به هجڻ گهرجي. ٻوليءَ سان عشق هجي، دل ۾ محبت ۽ درد جو احساس هجي. جذبن ۾ خلوص ۽ سچائي هجي. عظيم ترين شاعريءَ جا موضوع بين ڳالهين سان گڏ تمام وسيع ۽ سموري انسان ذات کي پنهنجي پاڪر ۾ پريندڙ هئڻ گهرجي.“(۱۰)

شاعر رڳو خلائي ڳالهيون نه ٿا ڪن، انهن جي مشاهدي جي سگھ تمام وسيع ٿئي ٿي. هو پنهنجي سماج جي اندر جي اوٽائين ۽ چڱاين کي پنهنجي مشاهداتي قوت وسيلي پرکي ۽ پروڙي بيان ڪندو آهي. انساني زندگيءَ جو وجود ڪائناتي رنگن جي سمنڊ مثل آهي. شاعر، ڪائنات جي فطري رنگن ۾ محو ٿي رومانس جا ڪيترائي عڪس پنهنجي تخليق ذريعي سماج تائين پهچائيندو آهي. شاعر کي قدرت ٻن اکين کان علاوه تخليقي ۽ روحاني اکيون به ڏنيون آهن، جن وسيلي هو قدرت جي نظر نه ايندڙ منظرن منجهان رومانوي عڪس ڳولهي لهندو آهي. برڪت بلوچ لکي ٿو ته: ”شاعر کي خاص نظر، (Inner vision) اندروني نظر يا روحاني نظر به ٿئي ٿي. ڪائنات جا دلفريب منظر هن جي وجدانيت انگيز ڪيفيتون ڏيندا رهن ٿا. فطرت جو تصور، رومانس ۽ پيار جا سگهارا جذبا پيدا ڪندو آهي.“(۱۱)

سجاڻل سرهاڻ
منهنجي ڪمري ۾ پرين
پير ڏريو هاڻ.(۱۲)

مٿئين شعر ۾ شاعر جي خيالن جو ڪمال آهي، جنهن ۾ هن سڀ رنگ، سمائي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجي مشاهدي کي فن جي رومال ۾ هلڪي ڳنڍ ڏئي پڙهندڙ کي پنهنجي تجربي ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪري ٿو ڇڏي. سجاڻل سرهاڻ اهڙو خيال آهي، جنهن ۾ شاعر جو Re cogination ڪنهن ڄاتل سڃاتل منظر وسيلي ٻي تصور ڏانهن پڙهندڙ کي وٺي وڃڻ جو عمل آهي. شاعر هميشه هڪ ڏنل منظر جي ذريعي پنهنجي اندر ۾ يعني تحت الشعور ۾ لڪل هڪ منظر ۽ ان سان ڳنڍيل محسوسات ڏانهن حادثاتي طور يا واقعاتي طور پهچي ويندا آهن. انهيءَ عمل کي اوچتائپ يا (Suddeness) چئبو آهي. مثال:

ٽڙيل چمپا گل
تون ۽ مان خاموش پر
هٻڪارن جا هل.(۱۳)

هتي شاعر هبڪار جي تصور وسيلي يا سنگهڻ جي عڪس وسيلي لاشعور ۾ ويل منظرن ڏانهن سوچ ذريعي سفر ڪري ٿو. جتي شاعر ۽ سندس پرين گذريل وقت ۾ خاموش ويٺا هئا ۽ انهيءَ ياد کي، هڪ خوبصورت منظر، چمپا گل جو پنهنجي تصور ۽ تخيل وسيلي عڪاسي ڪري ٿو. شاعر خوبصورت منظر ۾ محُو ٿي، ازلي سونهن جو مظهر ماڻڻ چاهي ٿو. شاعر جي نظر جي ڳولا جاري آهي. سندس نظر رڳو ڌرتيءَ جي سونهن تي ناهي، پر هن جون اکيون آسماني، يعني ڪائناتي فطرت کي به ڳولهي لهن ٿيون. ۽ پوءِ انهن جو اظهار هن طرح ٿئي ٿو.

هيٺ ستارا، مٿي ستارا
وچ ۾ آهي چنڊ
هيءُ مانڊي جو منڊ.[١٤]

برڪت بلوچ لکي ٿو ته: ”يعني سچي روشني جي مانڊاڻ جو فاعل تخليقڪار آهي. هيٺ ستارا- مٿي ستارا، مٿي وارا ستارا جو مطلب گرهه آهن. هيٺ ستارا، جيڪو ماڻهن لاءِ استعاري طور استعمال ٿيل آهي. ٻن متضاد منظرن ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪري هڪ رومانوي حسيت کي روحاني ادارڪ تي پهچايو ويو آهي. جتي صوفيءَ واري وحدت واري وادي آهي.“[١٥]

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ حقيقت پسنديءَ وارا رومانوي لاڙا موجود آهن. سندس خيالن ۾ ڪنهن به قسم جي هٺ ٺوڪي ڳالهه ڪانهي. هو ته رومانس جو راڻو آهي. هو پنهنجي اندر جي ڳٽنين ۽ پيڙائن کي به سونهپ جو رنگ ڏئي پيش ڪري ٿو. چاڪاڻ جو هو پريم نگر جو پياڪ آهي.هو رات اونداهين ۾ به سچ جي روشنيءَ جو مُتلاشي آهي. رات جي رومانوي عڪس ذريعي ازلي سچ کي هئين ٿو بيان ڪري.

رات جي راڻي رات جو سرهي،
سڄڻ سدا سرهاڻ.[١٦]

انهيءَ سلسلي ۾ برڪت بلوچ لکي ٿو ته: ”هي رات جي راڻي، سرهاڻ ذريعي شاعري ٿئي ٿي ۽ بصري مشاهدي ذريعي قلبي مشاهدو ماڻي ٿو. اهو ئي قلبي مشاهدو آهي. ’سڄڻ سدا سرهاڻ‘ جيڪو ازلي سونهن آهي، ازلي ۽ ابدي سرهاڻ آهي. شاعر کي رومانوي عڪسيت ذريعي آفاقي سچ، جي آگاهي ملي ٿي، جتان ڪائنات ۽ انسان جي ارتقا بابت تجسس پيدا ٿئي ٿو. ڪائنات ڏانهن تنوير جو رويو Romantic Realism





وارو آهي.“[١٧]

اسان جا اساسي شاعر به رومانويت پسند هئا، جو پنهنجي شاعريءَ وسيلي، پنهنجي دؤر جي سماج جا درد، انهن کي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ مسئلا، ڏکن، سورن کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ رومانوي انداز ۾ پيش ڪيو اٿن. اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن پنهنجي دور ۾ اُٿندڙ سياسي ۽ سماجي اٿل پٿل کي به علامتي ۽ رومانوي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ انسانيت جو اخلاق ۽ ڪائناتي سونهن جي عڪاسي ٿيل آهي. انهيءَ پيچري تي هلندي تنوير عباسي به شاعريءَ ۾ اهڙو ئي رومانوي انداز پنهنجايو آهي.

پيار جي توسان ڪيم،
آدميءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو.[١٨]

ڊاڪٽر ملڪ نديم لکي ٿو ته: ”عشق ۽ محبت جو هي اظهار ڪيڏو نه ڏکو رشتو رکي ٿو. ڪيڏو نه گهڻ معنيٰ وارو آهي. عشق کان انسانيت تائين پهچڻ کي ئي شاهڪار شاعري چئي سگهجي ٿو. هونءَ به عشق ته ڪبو انسان سان آهي. چاڪاڻ ته عورت به انسان آهي. جيڪو عشق اهڙي عمل جا رستا ڏيکاري، جنهن ۾ امن ، محبت انسانيت آهي، اهڙي عشقيه شاعري علامتن جي خوبصورت ويس وڳن ۾ هوندي آهي. اهڙي شاعري پختي شعور وارو شاعر ڪري سگهي ٿو. امن انصاف ۽ انسانيت واري ئي ماحول ۾ عشق کي آزادي ملندي آهي. عشق مختلف خوشبوئن وارو گلستان ٿي ويندو آهي.“[١٩]

تنوير عباسي جنهن عشق ۽ سوچ جي سفر تي نڪتل آهي، انهيءَ سفر جي خيالن بابت پنهنجي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن کي پنهنجي مشاهدي ۽ تخليقن جي وسيلي ظاهر ڪندو رهي ٿو. ۽ انهن سوالن جا جواب ڳولهيندو رهي ٿو، جيڪي مشاهدن ذريعي، ان جي ذهن ۾ عڪسن جي صورت ۾ موجود آهن. تنوير عباسي عشق ۾ اهڙن عڪسن کي ڪجهه هن ريت بيان ڪيو آهي.

ٿيندي تو سان روح رهاڻ،
وقت سنو گذري ويندو.[٢٠]

ڊاڪٽر ملڪ نديم لکي ٿو: ”هڪ محبوب سان سچي محبت ڪرڻ واري کي هر ماڻهوءَ ۾ محبوب جو عڪس نظر ايندو آهي. اهو محبوب جو عڪس ئي انسانيت

آهي، انسانيت جي معراج تي ڏاهپ ئي پهچائيندي آهي.انتهائي عقلمند انسان کي ڪنهن به انسان ۾ فرق نظر نه ايندو آهي ۽ اها ڏاهپ، محبت پيار ۽ عشق وسيلي ئي ملي ٿي. محبوب سان، حُسن سان وقت سٺو گذري ٿو.“[٢١]

اسان سيني مثالن ذريعي انهيءَ نتيجي تي پهچون ٿا ته، اسان جو شاعر فطري سونهن کي پسند ڪري ٿو. ان کان متاثر ٿئي ٿو ۽ انهيءَ منظر ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ نتيجي ۾ پنهنجي خيالن کي سگهاري انداز ۾ بيان ڪري ٿو ۽ پڙهندڙ کي پنهنجي احساسن، جذبن ۽ اڌمن ۾ رومانس وسيلي ڀاڱي ڀائيوار ڪري ٿو. انهيءَ فطرت جي رنگن کي لفظي روپ ڏئي ٿو ۽ ٻوليءَ جي عڪسي طور سگهارو ڪري ٿو ۽ ڪجهه نون عڪسن کي تخليق ڪري ٿو.

## حوالا


١. مهر، ممتاز. ويچار ’(ادبي تنقيد ۽ اڀياس). ڪراچي: نئون نياپو اڪيڊمي. ٢٠١٣ع،ص:٤.

٢. ملاح مختيار. سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، (قديم کان جديد دور تائين.)، ڪاٺياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڪراچي. ٢٠١٢ع،ص: ٦٩.

٣. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر. ’سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر‘ .: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو. حيدرآباد، ٢٠١٧ع.ص: ٢٤٤.

٤. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر. ’سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر‘ .حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو. ٢٠١٧ع،ص:٢٣٧.

٥. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ’ساجن سونهن سُرت‘. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ١٩٩٦ع، ص:٣٧.

٦. مهر، ممتاز. ويچار (ادبي تنقيد ۽ اڀياس). ڪراچي: نئون نياپو اڪيڊمي. ٢٠١٣ع،ص:٤١.

٧. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ساجن سونهن سُرت. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ١٩٩٦ع،ص:٣٨.

٨. قاضي، خادم. ادب ۽ روايتون .حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.١٩٩٢ع،ص: ٢٠.

٩. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ’تنوير چئي‘. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. ١٩٨٩ع، ص: ٢٢٢.

١٠. پليجو، رسول بخش.’ تنين ماٽڪ ميڙيا‘. ڪنڊيارو. روشني پبليڪيشن. ٢٠١٥ع.١٤٦، ١٤٧.

١١. بلوچ، برڪت. مضمون. تنوير عباسيءَ جو زندگي بابت نظريو. پٽائي ٧ (ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر).خيرپور: سنڌي شعبو. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. ٢٠٠٢ع. ص:٧٦ .







١٢. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ’تنوير چئي‘. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. ١٩٨٩ع. ص: ٥٠٥.

١٣. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ’تنوير چئي‘. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. ١٩٨٩ع. ص: ٥٠٥.

١٤. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر.’ تنوير چئي‘. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. سنڌ يونيورسٽي. ١٩٨٩ع. ص: ٣٧٤.

١٥. بلوچ، برڪت. مضمون. تنوير عباسيءَ جو زندگي بابت نظريو. پٽائي ٧ (ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر). خيرپور: سنڌي شعبو. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. ٢٠٠٢ع، ص: ٧٧ .

١٦. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ’ساجن سونهن سُرت‘ : روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. ١٩٩٦ع، :ص:١٧ .

١٧. بلوچ، برڪت. مضمون.’ تنوير عباسيءَ جو زندگي بابت نظريو‘. پٽائي ٧ (ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر).خيرپور: سنڌي شعبو. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. ٢٠٠٢ع.

١٨. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر. ’ساجن سونهن سُرت‘. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ١٩٩٦ع.

١٩. ملڪ نديم، ڊاڪٽر. مضمون.’ تنوير عباسي هڪ رومانوي شاعر‘. مرتب: اياز گل. ’پوان شال قبول‘. خيرپور: تنوير عباسي ڪارنر. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. ٢٠٠٥ع.ص: ٣٢.

٢٠. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر.’ ساجن سونهن سُرت‘. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ١٩٩٦ع.

٢١. ملڪ نديم، ڊاڪٽر. مضمون.’ تنوير عباسي هڪ رومانوي شاعر‘. مرتب: اياز گل. ’پوان شال قبول‘. خيرپور: تنوير عباسي ڪارنر. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. ٢٠٠٥ع،ص:٣٣.